- تتهنکان تہ ڏيکاريون نہ ها

- وچ ڏاکڻ تي

# اٻالي

چندر لوک بلڊنگ ۾ اچي پاريتيءَ جو رهڻ چا هو، جنهن پارپتيءَ کي پيار سان پالي سڏيندا هئا، سا اچانک ئي اٻالي تي پيئي.

مٿس اٻالي نالو رکڻ واري هئي هک وڏي عمر جي پريل پرکم عورت. هن جڏهن پهريون پيرو پاريتيءَ کي چندر لوک سوسائٽيءَ جي باغيچي ۾ بينچ تي وينل ڏٺو، تڏهن ڦٽاک سان پڇيائين، ”ائي شاميءَ جي جاءِ ۾ تون اچي وينئي آهين نہ ؟“

کنڌ سان ”ها“ کئي پاريتيءَ.